# سلام کي عام ڪيو!

**03-APRIL-2025**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

**3اپريل 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ: 4 شوال شريف 1446 ھ)**

**تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# سلام کي عام ڪيو!

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... 30 نيڪين وارو عمل
- ... اسلامي سلام جون خاصيتون
- ... معاشري ۾ بي سُڪوني جو هڪ سبب
- ...تڪبر کان نجات جو طريقو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت کئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 39، حديث پاڪ نمبر 39 آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :

اِنَّ اللهَ تَعَالٰى لَيَنْظُرُ اِلٰى مَنْ يُّصَلِّيْ عَلَيَّ وَمَنْ نَظَرَ اللهُ تَعَالٰى اِلَيْهِ لَا يُعَذِّبُهُ اَبَدًا۔ (1)

ترجمو: جيڪو شخص مون تي درود شريف پڙهندو آهي الله پاڪ ان جي مٿان رحمت جي نظر فرمائيندو آهي ۽ جنهن تي الله پاڪ نظرِ رحمت فرمائيندو آهي ان کي ڪڏهن به عذاب نه ڏيندو آهي.

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود بار بار اور بے شُمار دُرود
رُوئے اَنور پہ نور بار سلام زُلفِ اَطہر پہ مُشکبار دُرود
سر سے پا تک کروڑ بار سلام اور سراپا پہ بے شُمار دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي : اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

---

[1]… افضل الصلوات للنبهانی، صفحہ:40۔

[2]… بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

## 30 نيڪين وارو عمل

صحابيءِ رسول حضرت عمران بن حُصَين رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري محفلِ نور سجيل هئي، الله پاڪ جا سيني کان آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنهم بہ حاضرِ خِدمت هئا، ايتري ۾ هڪ شخص آيو، ان چيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ! پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (سلام جو جواب ڏيڻ کان پوءِ) فرمايو: عَشْرٌ يعني هن جي لاءِ 10 نيڪيون آهن. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ ٻيو شخص حاضر ٿيو، ان چيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ جي پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: عِشْرُوْنَ يعني هن جي لاءِ 20 نيڪيون آهن. ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ ٽيون شخص حاضر ٿيو، ان چيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ! جنهن تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ثَلَاثُوْنَ يعني هن جي لاءِ 30 نيڪيون آهن.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٿوري توجهہ ۾ 30 نيڪيون

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي خوبصورت ڳالهہ آهي...!! اللهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْن جو اسان گنهگارن تي ڪيڏو وڏو احسان آهي جو صرف ۽ صرف هڪ يا ڏيڍ سيڪنڊ جو ڪم آهي ۽ ڪم بہ ڪو ايڏو ڏکيو نہ آهي، ڪو بارُ ناهي کڻڻو، هٿ پير ناهي هلائڻا، شايد اسان جي جسم جو اهو حصو جنهن کي هلائڻ انتهائي آسان آهي، اها اسان جي زبان آهي، ان زبان کي ٿوري حرڪت ڏئي ڪجهہ الفاظ چوڻا

[1]... ترمذی، کتاب الاستئذان، باب ما ذکر فی فضل السلام، صفحہ:633، حدیث:2689۔

آهن: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ ان ٿوري ڪم ڪرڻ سان اسان کي 10 نيڪيون عطا ڪيون وينديون، جيڪڏهن ٿوري ڪوشش اجان وڌيڪ ڪيون، ان سان گڏ وَرَحۡمَةُ اللهِ بہ شامل ڪيون تہ نيڪيون 20 ٿي وينديون، جيڪڏهن بلڪل معمولي ڪوشش اجان بہ وڌيڪ ڪيون ۽ ان سان گڏ وَبَرَكَاتُهٗ بہ شامل ڪيون تہ نيڪيون 30 ٿي وينديون. يعني صرف ٿوري توجهہ ڏيڻ جي ضرورت آهي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيۡم! نيڪين ۾ ٽيڻ تي اضافو ٿي ويندو.

## هڪ نيڪيءَ جي اهميت

ٿي سگهي ٿو تہ تعداد گهٽ لڳي رهيو هجي يعني صرف 30 نيڪيون...!! هي صرف ناهن. ڳالهہ تعداد جي ناهي، ڳالهہ اهميت جي آهي. مثلاً 10 روپين وارا 30 نوٽ هجن تہ ڪيتري رقم ٿيندي؟ 300 روپيا. جيڪڏهن 5 هزار وارا 30 نوٽ هجن تہ ڪيتري رقم ٿي ويندي؟ ڏيڍ لک روپيا. 10 روپين وارا بہ 30 ئي نوٽ آهن ۽ 5 هزارن وارا بہ 30 ئي نوٽ آهن پر 10 وارا 30 عدد نوٽ 5 هزار وارن 30 عدد نوٽن جي برابر ناهن يعني اهو نہ ڏسو تہ صرف 30 نيڪيون آهن، اهو ڏسو تہ هڪ نيڪيءَ جي اهميت ڪيتري آهي، ٿي سگهي ٿو اها هڪ نيڪي ڪيئي نيڪن کان وڌيڪ هجي...!!

حديث پاڪ ۾ آهي: ٻانهو قيامت جي ڏينهن نيڪيون ۽ گناهہ کڻي ايندو ان جو حساب شروع ٿيندو، نيڪيون گناهن جي ذريعي ڪٽجي وينديون (مثلاً 10 نيڪيون آهن، 10 ئي گناهہ آهن، انهن 10 نيڪين جي بدلي 10 گناهہ معاف ٿي ويندا، ائين نيڪين جي ذريعي گناهہ معاف ٿيندا ويندا) آخرڪار ٻانهي وٽ صرف هڪ نيڪي وڃي بچندي، ان هڪ نيڪيءَ جي صدقي اللہ پاڪ کيس جنت ۾ داخِل فرمائيندو. (1)

سُبْحٰنَ الله! اها هڪ نيڪيءَ جي قيمت آهي، معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن ٻانهي وٽ اخلاص واري مقبول نيڪي صرف هڪ بہ هجي تہ ان جو بدلو جنت

[1]...معجم ڪبير، جلد:6، صفحه:115، حديث:12661۔

آهي. ان مان اندازو لڳايو! 30 نيڪين جو ڪيترو قدر ۽ قيمت هوندي...؟

هڪ ڀي ڳالهه عرض ڪيان ته جنت جي هڪ سِرَ ايتري ته اعليٰ آهي جو هيءَ سموري دنيا ۽ ان دنيا جي سموري دولت گڏ ڪري به جنت جي هڪ سِرَ خريد ڪري نه ٿي سگهجي، ايتري اعليٰ جنت جي صرف هڪ سِرَ نه پر پورا پورا محل هڪ نيڪيءَ جي ذريعي حاصل ٿي سگهن ٿا، اها هڪ نيڪيءَ جي قدر ۽ قيمت آهي، مطلب ته هڪ نيڪي هيءَ پوري دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي، انهن سڀني کان وڌيڪ قيمتي ۽ وڌيڪ اهميت واري آهي. قربان وڃان! اهڙي اعليٰ ترين قدر ۽ قيمت واري صرف هڪ نه پر 30 نيڪيون صرف اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ! چوڻ سان نصيب ٿي وينديون آهن .

## نيڪين جا حريص بڻجي وڃو!

افسوس! اسان وٽ نيڪي ڪرڻ جو حرص تمام گهٽ آهي، ماڻهو توجهه تمام گهٽ ڏيندا آهن. هونئن گهڻو ڪجهه ڳالهائيندا رهندا آهن، صبح جو ننڊ مان اٿڻ سان ئي زبان هلڻ شروع ٿيندي آهي، رات جو سمهڻ وقت بند ٿيندي آهي ۞ فضول ڳالهيون ۞ ڪِلَ پوڳ ۞ ٺهڪَ ۞ گار گند ۞ غيبتون ۞ چغليون ۽ نه ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون فضول ۽ گناهن ڀريون ڳالهيون سڄو ڏينهن ڪندا رهندا آهن، پر سلام ڪرڻ ڏکيو لڳي رهيو هوندو آهي. سنا ۽ بااخلاق مسلمان اَلْحَمْدُ لِلّٰه! سلام ڪرڻ جا عادي هوندا آهن، جڏهن به ملندا آهن ته سلام ڪندا آهن پر انهن ۾ به هڪ تعداد اهڙن جو آهي جيڪي صرف اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوندا آهن، ان کان اڳتي وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه نه ملائيندا آهن، ائين بغير سبب جي 20 نيڪين کان محروم رهجي ويندا آهن. ڪاش! اسان جو نيڪيون ڪمائڻ جو ذهن بڻجي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بهتر جواب ڏيو

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ اِذَا حُیِّیْتُمْ بِتَحِیَّةٍ فَحَیُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَاۤ (پاره:5، سورهٔ نساء:86)

ترجموڪنز العرفان: ۽ جڏهن توهان کي ڪنهن لفظ سان سلام ڪيو وڃي ته توهان ان کان بهتر لفظ سان جواب ڏيو

يعني اي مسلمانو...!! جڏهن توهان کي ڪو سلام ڪري ته توهان ان جي سلام جو ان کان بهتر جواب ڏيو، جيڪڏهن هُو چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ توهان چئو: وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ، جيڪڏهن هُو چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ، توهان چئو: وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ! اهو سنو جواب آهي، يقيناً الله پاڪ هر شيءِ جو حساب وٺندو، هر هڪ کي ان جي عمل جي مطابق جزا ۽ سزا سان نوازيندو، تنهنڪري توهان جي سلام ۽ جواب جو اجر ضايع نہ ٿيندو.

## سلام جو جواب ڏيڻ واجب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ مان معلوم ٿيو تہ سلام جو جواب ڏيڻ واجب آهي،[1] اڄڪلھ ان معاملي ۾ بہ سستي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، گهڻا ماڻهو سلام جو درست جواب نہ ڏيندا آهن ۞ صرف ڪنڌ لوڏيندا آهن ۞ چپن ۾ نهايت آهستي آواز سان وَعَلَيْكُمْ چئي ڇڏيندا آهن ۞ ڪجهہ ماڻهو سلام ٻڌي صرف هٿ اڳتي وڌائيندا آهن، زبان سان ڪجهہ نہ چوندا آهن ۞ ۽ ڪن جي تہ اهڙي بہ حالت هوندي آهي جو سلام ٻڌي بہ ان تي ڪا توجهہ ئي نہ ڏيندا آهن، جواب ڏيڻ جي بدران ٻيون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ويندا آهن. اهي سڀ غلط انداز آهن، اهو چڱيءَ طرح ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو تہ سلام ڪرڻ سنت آهي ۽ ان جو جواب ڏيڻ واجب آهي. جيڪڏهن جواب ئي نہ ڏنو يا ڏنو تہ صحيح پر بغير شرعي مجبوري جي يڪدم نہ ڏنو تہ گناهہ ٿيندو.[2] لهٰذا جڏهن بہ ڪو سلام ڪري پوري توجهہ

[1]...بهارِ شريعت، جلد:3، صفحہ:459، حصّہ:16.

[2]...بهارِ شريعت، جلد:3، صفحہ:459-460، حصّہ:16 بتصرف.

سان ايتري آواز ۾ جواب ضرور ڏيو جو سامهون وارو ٻڌي وٺي. جيترن لفظن سان ان سلام ڪيو آهي گهٽ ۾ گهٽ ايترا ئي لفظ ته جواب ۾ ضرور چئو! افضل اهو آهي ته جواب ۾ الفاظ وڌايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! وڌيڪ نيڪيون ملنديون.

## پياري آقا سلام سيکاريو

هڪ صحابي آهن: حضرت ابو راشِد عبدالرحمٰن رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ اُهي جڏهن پهريون دفعو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، فرمائن ٿا ته مان ان وقت ننڍي عمر ۾ هئس. بارگاهِ رسالت ۾ پهچي مون عربن جي عادت مطابق چيو: اَنْعِمْ صَبَاحًا (توهان جو صبح سٺو ٿئي، انگريزي ۾ ان جو ترجمو ٿيندو: *Good Morning*) پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰی صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِهو ته مسلمانن جو سلام ناهي. مون عرض ڪيو: پوءِ ڪيئن سلام ڪيان؟ فرمايائون: جڏهن مسلمانن سان ملو ته چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ پوءِ انهن ائين ئي عرض ڪيو، تڏهن ئي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب ارشاد فرمايو. (1)

اهڙي طرح هڪ ڀيرو هڪ غير مسلم بارگاهِ رسالت ۾ آيو، ان پنهنجي دستور مطابق چيائين: اَنْعِمْ صَبَاحًا توهان جو صبح سٺو ٿئي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰی صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ اسان کي ان کان بهتر انداز ۾ سلام سان عزت بخشي آهي، اسان جي تَحِيَّت (يعني ملاقات جو ادب) سلام آهي. اِهو ئي انداز اهلِ جنت جو به آهي. (2)

## اسلامي سلام سيني طريقن کان بهتر آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! هاڻي مسلمان پنهنجو طريقو ڇڏيندا پيا وڃن، ڪيترائي مسلمان آهن جيڪي ماڊرن بڻجڻ جي چڪر ۾ سلام ڪرڻ جي سنت ڇڏي چڪا آهن، جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن ته ۞ هاءِ! ۞ *How Are You* ۞ ڪڏهن

---

1...تاريخ مدينه دمشق، جلد:35، صفحه:91۔

2... معجم ڪبير، جلد:7، صفحه:9، حديث:13586۔

*Good Morning* ۽ کڏهن ۞ *Good Evening* وغيره ۽ چاڻ چا چا چوندا آهن. ڪجهه جيڪي گهٽو پڙهيل لکيل نه هوندا آهن، اهي توڙي جو ائين مادرن ٻٽجڻ جي ڪوشش نه ڪندا آهن, البته انهن وٽ به مختلف انداز رائج آهن ۞ ڪيترا ته اهڙا آهن جيڪي سلام ڪندا ئي نه آهن بس ائين ئي هٿ تي هٿ رکي ڇڏيندا آهن يا صرف آڱريون ملائيندا آهن ۞ اهڙا نادان به آهن جيڪي ملاقات جي شروعات ئي گارين سان ڪندا آهن ۞ مطلب ته ملاقات جي وقت جا ڪيترا ئي عجيب عجيب انداز ماڻهن اپنائي رکيا آهن. اهي سيئي طريقا خلافِ سنت آهن.

اسان اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! مسلمان آهيون، اسان حديثون ٻڌيون، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم باقاعده طور تي اَنۡعِمۡ صَبَاحًا (يعني *Good Morning*) چئي ملاقات ڪرڻ وارن کي روڪيو ۽ تربيت فرمائي ته اسلامي سلام اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ آهي بلڪ ابوداؤد شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي، حضرت عمران بن حصين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: اسان زمانۂ جاهليت ۾ چوندا هئاسين: اَنۡعَمَ اللهُ بِكَ عَيۡنًا (الله پاڪ توهان جي ذريعي اکيون ٺڏيون ڪري) يا چوندا هئاسين: اَنۡعِمۡ صَبَاحًا توهان جو صبح سنو ٿئي. دينِ اسلام اسان کي ائين چوڻ کان روڪي ڇڏيو (۽ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه! چوڻ جو حڪم ڏنو). (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي انهن ڳالهين کي سمجهڻ گهرجي! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اسلام هڪ مڪمل دين آهي، ان جي پنهنجي تهذيب آهي، پنهنجو تمدن آهي، پنهنجي ثقافت آهي، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اسلام جو رنگ سيني معاشرن کان جدا، سيني کان سنو ۽ بهترين آهي. اسان کي گهرجي ته هر هڪ معاملي ۾ صرف ۽ صرف اسلامي تعليمات مطابق عمل ڪيون ۽ اُنهيءَ جي ئي پيروي ڪيون.

## اسلامي سلام جون خاصيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اسلامي سلام دنيا ۾ رائج سيني طريقن کان منفرد، نرالو ۽ تمام بهترين آهي. مان ان جي رڳو هڪ مثال پيش ڪندس، جاهليت

[1] مصنف عبد الرزاق، كتاب الجامع، باب كيف السلام و الرد، جلد:10، صفحہ:7، حديث:19606۔

جي زماني ۾ عام طور تي حيَّاكَ الله (الله توکي زنده رکي) چوندا هئا. اها بهتر دعا آهي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ زندگي بغير سلامتي جي عذاب بڻجي ويندي آهي، ڪڏهن ڪنهن بيمار سان ملي ڏسو! هو اوهان کي پنهنجو غم ٻڌائيندو، ڪڏهن اسپتال جو چڪر لڳائي ڏسو! تندرست رهڻ وارا ڪهڙين ڪهڙين تڪليفن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن، تنهنڪري اسلام اسان کي سيکاريو تہ ملاقات جي وقت صرف زندگي جي دعا نہ ڏيو! بلڪ چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه يعني دنيا، قبر، حشر، پل صراط وغيره جتي جتي توهان رهو، هر وقت، هر موقعي تي ۽ هر حال ۾ الله پاڪ جي سلامتي، سندس رحمتون ۽ برڪتون توهان تي وسنديون رهن.

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي نہ خوبصورت دعا آهي...!! پر افسوس! اسان پنهنجن مسلمان ڀائرن کي اها دعا ڏيڻ ۾ انهن کان اهڙي بي مثال دعا وٺڻ بدران، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا آهيون. ڪاش! اسان جي مٿان اسلام جو پورو پورو رنگ چڙهي وڃي ۽ اسان نَنهَن کان چوٽِيءَ تائين مڪمل طور تي اسلام جي تعليمات ۾ رنگجي وڃون.

## غير مسلمن جي طريقن کان بچو

**ترمذي شريف ۾ روايت آهي:** پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو غير مسلمن سان مشابهت اختيار ڪري اهو اسان مان نہ آهي. تنهنڪري غير مسلمن جا طريقا اختيار نہ ڪيو! ڪجھ غير مسلم رڳو آڱرين جي اشاري سان سلام ڪندا آهن، ڪجھ هٿ جي اشاري سان ڪندا آهن (توهان انهن بنهي طريقن کان بچو...!!) (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ ۾ تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي صاف طور تي فرمايو تہ غير مسلمن جي سلام جو طريقو توهان هرگز نہ اختيار ڪيو! پوءِ ان ۾ وَعِيد (تنبيهہ) ڏسو تہ ڪيتري سخت آهي، فرمايائون: جيڪو غير مسلمن جو طريقو اختيار ڪري، سو اسان مان نہ آهي.

آه! افسوس! الله نہ ڪري، جيڪڏهن خدا جا محبوب، اسان جي شفاعت ڪرڻ

---

[1]... ترمذی، کتاب الاستئذان، باب ماجاء فی کراہیۃ ...الخ، صفحہ:634، حدیث:2695۔

وارا آقا، امت جي غم ۾ ڳوڙها وهائڻ وارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان گناه گارن کان منهن ئي موڙي ڇڏين تہ سوچيو اسان جو ڇا ٿيندو...!!

نہ اُٹھ سکے گا قیامت تلک خدا کی قسم | کہ جس کو تُو نے نظر سے گِرا کر چھوڑ دیا

الله پاڪ اسان جو ايمان سلامت رکي، اسان جون نسبتون سلامت رکي، الله پاڪ اهو ڏينهن اسان کي ڪڏهن نہ ڏيکاري جو محبوبِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کان ناراض ٿين، اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو طريقو اختيار ڪيون، سندن سنتن تي عمل ڪندا رهون. بس اها ڳالهہ پڪي ڪري پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ ويهاري ڇڏيون تہ: خَیۡرُ الۡھَدۡیِ ھَدۡیُ مُحَمَّد يعني بهترين هدايت اها آهي جيڪا محمد صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي نصيب ٿي آهي.

## سلام محبت پيدا ڪندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سلام هڪ انمول نعمت آهي، الله پاڪ سلام ۾ اهڙي ڪمال جي تاثير رکي آهي جو اسان سلام ڪندا تہ زبان سان آهيون، پر ان جو اثر سڌو دل تي ٿيندو آهي. اسان جي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاتَدۡخُلُوا الۡجَنَّۃَ حَتّٰی تُؤۡمِنُوۡا يعني توهان تيسيتائين جنت ۾ داخل نہ ٿي سگهندؤ جيستائين ايمان نہ آڻيو! وَلَاتُؤۡمِنُوۡا حَتّٰی تَحَابُّوۡا ۽ توهان ايسيتائين ڪامل (مڪمل) مومن نہ ٿي سگهندؤ جيستائين پاڻ ۾ محبت نہ ڪيو! پوءِ فرمايائون: ڇا مان توهان کي اها ڳالهہ نہ ٻڌايان، جنهن تي عمل ڪري توهان جي پاڻ ۾ محبت وڌي وڃي؟ اَفۡشُوا السَّلَامَ بَیۡنَکُمۡ يعني پاڻ ۾ سلام کي عام ڪيو! (1)

## محبت سان ڀريل اسلامي تير

حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ دفعي پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو: پٽ! جڏهن بہ ڪنهن قوم وٽان گذرين تہ انهن کي اسلامي تير هڻندو ڪر! **هي اسلامي تير ڇا آهي؟** حضرت عوف بن عبدالله رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ان

---

1... ابوداؤد، كتابُ الادب، باب اِفۡشَاءِ السلام، صفحہ:809، حديث:5193۔

مان مراد سلام آهي.[1] يعني جڏهن توهان سلام ڪندؤ تہ توهان جو سلام محبت سان ڀريل تير بڻجي سامهون واري جي دل تي لڳندو ۽ محبت وڌائيندو.

هَوَس نے کر دیا ہے ٹکڑے ٹکڑے نوعِ انساں کو

اُخُوَّت کا بیاں ہو جا! محبت کی زباں ہو جا!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ عام طور تي ائين ٿيندو رهندو آهي: ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ ٻار پاڻ ۾ وڙهي پوندا آهن تہ والدين انهن کي بہ چوندا آهن: اچو! پٽ...!! پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سلام ڪيو! هٿ ملايو! ڀاڪر پايو...!! ائين ئي جيڪڏهن وڏن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿئي، ڪنهن مسئلي تي تڪرار ٿي پوي تہ اها ڳالهہ تجربي مان ثابت آهي تہ جنهن سان جهيڙو ٿيو هجي ان کي مسڪرائي خوشيءَ سان سلام ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي دل نرم ٿي ويندي.

ٿورو غور ڪيو! اسان جيڪي ملاقات جي وقت هيڏانهن هوڏانهن جا جملا ڳالهائيندا آهيون، غير مسلمن جو نقل ڪندا آهيون، ڇا انهن جملن ۽ اندازن ۾ بہ اهڙو تاثير آهي...؟ نہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اهو رڳو اسلامي سلام جو ئي ڪمال تاثير آهي جو هيڏانهن زبان سان سلام ڪيو! هوڏانهن دل تي اثر ڪري محبت وڌائيندو آهي.

## معاشري ۾ بي سڪوني جو هڪ سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄ معاشري ۾ بدامني ۽ بي سڪوني وڌي رهي آهي، هر هڪ گهر جنگ جو ميدان بڻيل آهي ۞ ڀاءُ ڀاءُ کان منهن موڙي رهيو آهي ۞ اولاد معاذ الله! ماءُ پيءُ جي مخالف ٿي رهي آهي ۞ ڪنهن جي چاچي سان نہ ٿي لڳي ۞ ڪو ڀڦيءَ کان رنڄل آهي ۞ ڪو ماسيءَ کان ڪاوڙيل آهي ۞ ڪنهن کي مامو زهر لڳي رهيو آهي ۞ پاڙيسرين جا پاڻ ۾ جهيڙا آهن ۞ هڪ ئي گهر، هڪ ئي گهٽي، هڪ ئي محلي ۾ رهڻ وارا پاڻ ۾ نفرتن ۽ دورين جو شڪار آهن. خبر اٿوَ ان جو سبب ڇا آهي؟ ان جو هڪ بنيادي سبب **سلام جي سنت تي عمل نہ ڪرڻ** بہ آهي.

---

[1]...زُہد لابْنِ مبارک، صفحہ:332، حدیث:950۔

افسوس! اسان جي معاشري ۾ سلام کي اهميت ناهي ڏني ويندي هڪ تہ ماڻهو سلام ڪندا ئي نہ آهن ۞ جي ڪندا آهن تہ انهن کي صحيح طريقي سان سلام ڪرڻ ئي نہ ناهي ايندو ۞ ڪو سَامَالَيْكُم چوندو آهي ۞ ڪو سَلَامَالَيْكُم چوندو آهي، بس جيترا وات آهن، اوتريون ڳالهيون آهن. ڪاش! اسان صحيح طريقي سان سلام ڪرڻ سکي بہ وٺون ۽ سلام کي عام ڪرڻ وارا بہ بڻجي وڃون ۞ پوءِ سلام صحيح طريقي سان ڪيون يا غلط طريقي سان، هي هڪ الڳ الميو آهي جو اسان سلام صرف پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن کي ڪندا آهيون، اڻڄاڻ کي نہ ڪندا آهيون. ياد رکو! اها قيامت جي نشانين مان هڪ نشاني آهي، جي ها! حديث پاڪ ۾ آهي: قيامت جي نشاني مان آهي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ماڻهو صرف پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن کي سلام ڪندا. (1)

افسوس! هاڻي هي انداز اسان کي ڏسڻ ۾ اچي رهيو، بلڪ اڻڄاڻ تہ ڇا، هاڻي تہ اهو انداز آهي جو ماڻهو پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن کي بہ تمام گهٽ سلام ڪندا آهن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، اسان کي سلام کي عام ڪرڻ گهرجي.

## سلام کي عام ڪرڻ جون فضيلتون

حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون مديني منوره ۾ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زبان مان سڀ کان پهريون جيڪو ڪلام ٻڌو، اهو هي هو: يَاَيُّهَاالنَّاسُ! اي انسانو اَفْشُوا السَّلَامَ سلام کي عام ڪيو! وَاَطْعِمُوا الطَّعَامَ کاڌو کارايو! وَصَلُّوْا بِالَّيْلِ وَالنَّاسُ نِيَامٌ ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سُتل هجن ان وقت نماز پڙهو تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ بِسَلَامٍ (توهان اهي ئي ڪم ڪندؤ تہ سلامتي سان جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ. (2)

---

1… مسند امام احمد، جلد:2، صفحه:71، حديث:3848۔

2…اِبْنِ ماجه، كتابُ اقَامة الصلوٰة، جلد:1، صفحه:423، حديث:1334۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيڏا نہ سولا سولا ڪم آهن: ۞ سلام کي عام ڪرڻو آهي، يعني رستي کان گذرندي، دڪان تي، ڪاليج ۾، آفيس ۾، جڏهن بہ، جتي بہ مسلمان ڀاءُ سان ملاقات ٿئي، سڀ کان پهريان ان کي سلام ڪرڻو آهي ۞ ماڻهن کي ڪاڏو ڪارائڻو آهي ۞ ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهي پون تہ گهٽ ۾ گهٽ 2 رڪعتون نماز پڙهڻي آهي، انهن ٽن سولن ڪمن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جنت ۾ داخل ٿيڻ نصيب ٿي ويندو.

## سلام کي عام ڪرڻ جو نرالو جذبو

حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ صحابيءِ رسول آهن، سندن عادت ڪريمہ هئي تہ روزانو گهر کان ٻاهر نڪرندا هئا، بازار ويندا هئا، بازار ۾ هڪ پاسي کان داخل ٿيندا هئا ۽ هلندا هلندا ٻئي پاسي کان ٻاهر نڪري گهر موٽي ايندا هئا، نہ ڪنهن دڪان تي ويهندا هئا، نہ ڪو سودو ڏسندا هئا، نہ اگهہ پڇندا هئا ۽ نہ ئي ڪجھ خريد ڪندا هئا، بس ويندا هئا ۽ موٽي ايندا هئا. هڪ ڏينهن سندن غلام حضرت ابورافع رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کانئن پڇيو تہ عالي جاهہ! ڇا ڳالھ آهي؟ توهان بازار ويندا آهيو، نہ ڪجھ خريد ڪندا آهيو، نہ ڪجھ ڏسندا آهيو، پوءِ بازار ويندا ئي ڇو آهيو؟ فرمايائون:

**مان ماڻهن کي سلام ڪرڻ لاءِ ويندو آهيان.(1)**

يعني بازار ۾ گهڻا ماڻهو موجود هوندا آهن، تنهنڪري مان بازار ويندو آهيان تہ جيئن اتي ماڻهن کي سلام ڪيان، هڪ تہ انهن کان جواب ۾ سلامتي جون دعائون وٺان، ٻيو سلام ڪري نيڪيون ڪمايان.

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪهڙو نہ جذبو آهي. ڪاش! اسان کي بہ اهڙو شوق نصيب ٿي وڃي، اسان جي زبان تي بہ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه جاري رهي، جڏهن بہ مسلمان ڀاءُ سان ملاقات ٿئي، فوراً سلام ۾ اڳرائي ڪندي اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه چئي ڇڏيون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون نيڪيون نصيب ٿينديون.

---

1... مشكوٰة المصابيح، جز:3، جلد:2، صفحہ:167، حديث:4664۔

# سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪيو

اها ٻه وڏي دلچسپ ڳالهه آهي، سلام ڪرڻ سنت آهي ۽ جواب ڏيڻ واجب آهي، پر هيءَ اها سنت آهي جنهن جو ثواب واجب کان وڌيڪ آهي. جي ها! مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جڏهن ٻه مسلمان ملاقات ڪندا آهن ۽ انهن مان هڪ پنهنجي ساٿي کي سلام ڪندو آهي ته انهن ٻنهي مان الله پاڪ جي نظر ۾ وڌيڪ محبوب اهو هوندو آهي جيڪو پنهنجي ساٿي سان وڌيڪ گرمجوشيءَ سان ملندو آهي، پوءِ جڏهن اهي هٿ ملائيندا آهن ته انهن تي 100 رحمتون نازل ٿينديون آهن انهن مان 90 رحمتون (سلام ۾) اڳرائي ڪرڻ واري جي لاءِ ۽ 10 هٿ ملائڻ واري جي لاءِ آهن. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي طريقو ٻه اسان کي اپنائڻ گهرجي! اهو پنهنجو پڪو ذهن ٺاهي ڇڏيو ته جڏهن ٻه ڪنهن سان ملاقات ٿيندي، سلام ۾ اڳرائي مون کي ئي ڪرڻي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: الله پاڪ جو وڌيڪ مقرب اهو آهي جيڪو سلام ۾ اڳرائي ڪندو آهي. هڪ ڀيري پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! سلام ۾ اڳرائي ڪنهن کي ڪرڻ گهرجي؟ فرمايائون: جيڪو الله پاڪ جو وڌيڪ قرب رکڻ وارو آهي.

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو نه شان آهي...!! الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جو آسان ترين ذريعو آهي، سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ جي عادت اختيار ڪيو، الله پاڪ توهان کي پنهنجو قرب عطا فرمائيندو.

# سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ عاجزي جي نشاني آهي

ذهن ۾ اچي رهيو هوندو ته ايتري آسان عمل تي ايڏو وڏو اجر ڪيئن ملي سگهي ٿو...؟ اصل ۾ اهو آسان عمل نه آهي، اهو مشڪل ڪم آهي. سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ جي لاءِ عاجزي گهرجي، ڪيترائي دفعا ائين ٿيندو آهي جو ٻانهو پنهنجي انا جي ڪري اها نيڪي نه ڪري سگهندو آهي۞ ڪڏهن ڪڏهن دل ۾

---

[1]...ترمذی، کتاب الاستئذان، باب ماجاء فی فضل الذی یبدا بالسلام، صفحہ:634، حدیث:2694۔

خيال اچي رهيا هوندا آهن تہ: فلاڻو مون کان ننڍو آهي، ان کي گهرجي تہ مون کي سلام ڪري ۞ هو تہ شاگرد آهي، ان جو حق آهي تہ استاد کي سلام ڪري ۞ فلاڻو تہ نوڪر آهي، جيڪڏهن مان ان کي سلام ڪيان تہ منهنجي رعب جو چا ٿيندو وغيره وغيره جهڙا خيال دل ۾ پيدا ٿي رهيا هوندا آهن ۽ انهن خيالن جي ڪري ئي ماڻهو سلام ۾ اڳرائي نہ ڪري سگهندا آهن. تنهنڪري سلام ۾ اڳرائي اهو ئي ڪري سگهندو جيڪو عاجزي وارو هوندو ۽ عاجزي اهو عمل آهي جو حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ يعني جيڪو اللّٰه پاڪ جي خاطر عاجزي اختيار ڪندو آهي، اللّٰه پاڪ ان کي بلنديون عطا فرمائيندو آهي. (1)

جيئن تہ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ بہ عاجزي جي علامت آهي، تنهنڪري هن نيڪ عمل جي برڪت سان اللّٰه پاڪ جو قرب نصيب ٿيندو آهي.

## پياري آقا جو پيارو پيارو انداز

انهي ڪري پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ سلام ۾ اڳرائي ڪندا رهون. اسان جي پياري آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو شان آهي تہ

بَعْدْ اَزْ خُدَا بُزُرگ تُوئِی قِصَّه مُخْتَصَر

اللّٰه پاڪ کان پوءِ سڀني کان مٿانهون درجو اوهان جو ئي آهي، نبين جا امام آهن، فرشتن جا بہ نبي آهن، سموري مخلوقات جا نبي آهن، ايترو بلند مرتبو هئڻ جي باوجود بہ مبارڪ انداز ڪيڏو نرالو هو، روايتن ۾ آهي: پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهٽيءَ مان گذرندا هئا، رستي ۾ ٻارن کي ڏسندا هئا تہ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا.

## تڪبّر کان نجات جو طريقو

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪاش! اسان کي بہ اها سعادت ملي وڃي، سلام ۾ اڳرائي جي عادت اختيار ڪيون. ڪوئي ننڍو هجي يا وڏو، اسان جو استاد هجي يا شاگرد، نوڪر هجي يا مقتدي، بس ذهن ۾ اهو ئي هئڻ گهرجي تہ سلام ۾ اڳرائي مون کي ئي

---

1... حلية الاولياء، جلد:7، صفحہ:145، حديث:9958.

ڪرڻي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْبَادِئُ بِالسَّلَامِ بَرِئُ مِّنَ الْكِبْرِ يعني سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تڪبر کان آزاد آهي. (1)

## ڪڏهن ڪڏهن سلام ڪيون

**ابوداؤد شريف جي حديث پاڪ آهي:** منهنجي ۽ توهان جي آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان ملي ته ان کي سلام ڪري، پوءِ هلندي هلندي ٻنهي جي وچ ۾ وڻ، ڀت يا پٿر اچي وڃي (مثال طور وچ ۾ وڻ آيو، هڪ وڻ جي هڪ پاسي کان لنگهيو، ٻئي وڻ جي ٻئي پاسي کان لنگهيو، پوءِ وڻ کان اڳتي گذري وڃي) ٻيهر ملن ته ٻيهر سلام ڪري. (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو انداز به اسان کي اپنائڻ گهرجي! اها سوچ اڪثر ڏٺي وئي آهي ته هڪ ڀيري ملاقات جي وقت جيڪڏهن سلام ڪري ڇڏيو ته هاڻي اهو سڄي ڏينهن جي لاءِ ڪافي ٿي ويو ٻيهر چاهي 100 دفعا به ملن ماڻهو سلام نه ڪندا آهن اها سوچ ٻٽيل هوندي آهي ته صبح ئي ته سلام ڪيو هو. اها سوچ صحيح ناهي سلام کي عام ڪرڻ جو حڪم آهي، ڏينهن ۾ چاهي هزار دفعا ملاقات ٿئي، بلڪ گهر ۾ ئي هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ وڃو ته سلام ڪيو.

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نيڪيون به ملنديون ۽ هڪ ٻئي کي دعائون ڏيڻ به نصيب ٿيندو، ڪهڙي خبر ڪهڙو وقت قبوليت جو هجي، اسان سلامتي، رحمت ۽ برڪت جي دعا ڏيون يا وٺون، انهيءَ وقت دعا قبول ٿي وڃي ۽ اسان کي دنيا، قبر، حشر، پل صراط وغيره هر جاءِ تي سلامتي جي دولت نصيب ٿي وڃي.

## گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪيو!

حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسول رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي نصيحت ڪندي فرمايو: پٽ! جڏهن به گهر ۾ وڃين ته گهر وارن کي

1... الآداب للبيهقی، باب من اولی بالابتداء بالاسلام، صفحہ:83، حديث:249۔

2... ابو داود، كتاب الادب، باب فی الرجل يفارق...الخ، صفحہ:810، حديث:5200۔

سلام ڪندو ڪر! ايئن ڪرڻ سان توھان ڪي ۽ توھان جي گھر وارن کي برڪتون ٿينديون. (1)

اڄڪلھ بي برڪتي جي شڪايت تمام عام آھي، لکين روپيا ڪمائيندڙ بہ چوندا آھن: ياءُ! پوري نٿي پوي. يعني آمدني گھٽ ۽ خرچ وڌيڪ آھن. رزق ۾ بي برڪتي تمام گھڻي آھي. آسان ترين نسخو آھي، گھر ۾، گھر جي رزق ۾، گھر وارن جي جان ۾، عزت ۽ آبرو ۾، صحت ۽ عافيت ۾ برڪتون چاھيو ٿا تہ سلام جي عادت بڻايو! جيئن ئي گھر ۾ داخل ٿيو، سڀ کان پھريان دعا پڙھو! پوءِ فوراً بلند آواز ۾ سلام چئو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! برڪتون ئي برڪتون نصيب ٿينديون.

## غربت کان نجات ملي وئي

حضرت سھل بن سعد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ھڪ دفعي ھڪ شخص بارگاھِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنھنجي تنگدستي ۽ مفلسي جي شڪايت ڪيائين. رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏھن تون پنھنجي گھر ۾ داخل ٿين تہ پنھنجي گھر وارن کي سلام ڪندو ڪر، جيڪڏھن گھر ۾ ڪو بہ نہ ھجي تہ مون تي سلام عرض ڪندو ڪر ۽ ھڪ دفعو قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ (يعني مڪمل سورة اخلاص) پڙھندو ڪر.

اھو صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ھليو ويو ۽ ان تي عمل ڪيائين، جڏھن گھر ۾ داخل ٿيندو ھو تہ گھر وارن کي سلام ڪندو ھو، پوءِ سورة اخلاص شريف پڙھندو ھو، ان جي برڪت سان ان تي اھڙو ڪرم ٿيو، اللّٰه پاڪ ان کي ايترو مال عطا فرمايو جو ھو پنھنجن پاڙيسرين (*Neighbors*) ۽ مائٽن (*Relatives*) جي بہ خدمت ڪرڻ لڳو. (2)

شافعِ روزِ جزا تم پہ کروروں درود | دافعِ جملہ بلا تم پہ کروڑوں درود (3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... ترمذی، کتاب الاستئذان، باب ماجاء فی التسلیم اذا دخل بیتہ، صفحہ:635، حدیث:2698۔

[2]... تفسیرِ قرطبی،پارہ:30،سورۂ اخلاص،زیرِ آیت:1،جلد:10، صفحہ:4765 ۔

[3]... حدائقِ بخشش ،صفحہ:264۔

## ڇا جدا ٿيڻ (موڪلائڻ) وقت به سلام ڪيون

اسان وٽ هڪ غلط فهمي ڏٺي وئي آهي، ڪجهه ماڻهو سمجهندا آهن ته ملڻ وقت ته سلام ڪرڻ گهرجي، ان سان محبت وڌندي آهي، پر جدا ٿيڻ يعني موڪلائڻ وقت سلام نه ڪرڻ گهرجي، ان سان دوريون وڌنديون آهن. اها تمام غلط ڳالهه آهي، سلام ڪرڻ جا فائدا ئي فائدا آهن، ان جو ڪو به نقصان(***Disadvantages***) نه آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان مان جڏهن ڪو مجلس ۾ اچي ته سلام ڪري پوءِ جڏهن مجلس مان اٿي ته به سلام ڪري ڇو جو پهريون ٻئي کان وڌيڪ حقدار ناهي. (1)

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: هن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو ته گذرڻ وارو صرف هڪ سلام ڪري ۽ جيڪو مجلس ۾ ڪجهه دير ويهي اهو به سلام ڪري: (1): سَلامِ لِقَا يعني ملاقات جو سلام (2): سَلامِ وَدَاع يعني رخصت ٿيڻ جو سلام. اهي ٻئي سلام سنت آهن. (2)

اهڙي طرح هڪ حديث شريف ۾ آهي: جڏهن توهان گهر ۾ وڃو ته سلام ڪيو! جڏهن گهر کان نڪرو تڏهن به سلام ڪيو...!! (3)

معلوم ٿيو ته جهڙي طرح ملڻ وقت سلام ڪرڻ محبت وڌائيندو آهي تو، تيئن ئي جدا ٿيڻ وقت سلام ڪرڻ به محبت وڌائيندو آهي. تنهنڪري ملڻ وقت به سلام ڪيو! ۽ جدا ٿيڻ وقت به لازماً سلام ڪيو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سلام افضل ترين تحفو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سلام کي عام ڪرڻ جنت ۾ وٺي وڃڻ واري نيڪي آهي.

[1]... ترمذی، کتاب الاستئذان،باب ما جاء فی التسليم عند القيام...الخ، صفحہ:636، حديث:2706۔

[2]... مراۃ المناجيح، جلد:6، صفحہ:336۔

[3]...شعب الايمان، باب فی مقاربۃ...الخ،فصل فی السلام ...الخ، جلد:6، صفحہ:448، حديث:8845۔

تنهنڪري اسان کي سلام کي عام ڪرڻ گهرجي، جن سان ملاقات ٿئي، انهن کي ته سلام ڪرڻو ئي ڪرڻو آهي، ان کان علاوه جيڪي اسان کان پري آهن، جن سان ملاقات نه ٿي سگهندي آهي، انهن تائين به وقتاً فوقتاً سلام پهچائيندو رهڻ گهرجي. اچو ته! ان سلسلي ۾ هڪ خوبصورت واقعو ٻڌون ٿا:

الله پاڪ جا پيارا ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت ڪري مديني منوره تشريف فرما ٿيا ته هتي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مهاجرين (يعني هجرت ڪري آيلن) ۽ انصار صحابهءِ ڪرام رَضِىَ اللهُ عَنْهُم جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم فرمايو، ان سلسلي ۾ حضرت سلمان فارسي ۽ حضرت ابو درداء رَضِىَ اللهُ عَنْهما کي پاڻ ۾ ڀاءُ ٺهرايو ويو.

ان ئي بنياد تي حضرت سلمان فارسي رَضِىَ اللهُ عَنْهُ ۽ حضرت ابو درداء رَضِىَ اللهُ عَنْهُ پاڻ ۾ تمام گهڻي محبت ۽ پيار رکندا هئا. سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وصالِ ظاهري کان پوءِ حضرت ابو درداء رَضِىَ اللهُ عَنْهُ ملڪِ شام تشريف وٺي ويا ۽ حضرت سلمان فارسي رَضِىَ اللهُ عَنْهُ عراق جي شهر مدائن ۾ تشريف فرما ٿيا.[1]

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته حضرت اشعث بن قيس ۽ حضرت جرير بن عبدالله بَجَلي رَضِىَ اللهُ عَنْهما ملڪ شام کان عراق آيا، انهن ٻنهي حضرت سلمان فارسي رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کي ڦيريان نه ڏٺو هو، هُو پڇندا پڇندا اچي حضرت سلمان فارسي رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ پهتا، ان وقت حضرت سلمان فارسي رَضِىَ اللهُ عَنْهُ هڪ ننڍڙي خيمي ۾ تشريف فرما هئا، حضرت اشعث بن قيس ۽ حضرت جرير بن عبدالله رَضِىَ اللهُ عَنْهما سلام عرض ڪيو، حضرت سلمان فارسي رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جواب ارشاد فرمايو، هاڻي انهن ٻنهي پڇيو: ڇا توهان ئي سلمان فارسي آهيو؟ فرمايائون: ها! مان سلمان آهيان. پڇيائون: اهو ئي سلمان جيڪو رسول جو صحابي آهي؟ حضرت سلمان فارسي رَضِىَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: اهو ته مان نه ٿو ڄاڻان ته مان صحابي آهيان يا نه، اهو ٻڌي حضرت اشعث ۽ حضرت جرير رَضِىَ اللهُ عَنْهما ٿورو شڪ ۾ پئجي ويا ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا: شايد اسان جن سان ملڻ چاهيون ٿا، هي اُهي نه آهن. حضرت سلمان فارسي

---

[1] ...اسد الغابہ، جلد:2، صفحہ:514۔

رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: توهان جنهن سان ملڻ چاهيو ٿا، مان اهو ئي آهيان. مون رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ڪيو آهي ۽ سندن مبارڪ صحبت بہ مون کي نصيب ٿي آهي، پر (حقيقت ۾) صحابي تہ اهو آهي جيڪو حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ جنت ۾ داخل ٿيندو.

ان کان پوءِ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پڇيو: توهان ٻئي ڪيئن آيا آهيو؟ عرض ڪيائون: اسان ملڪ شام کان توهان جي ڀاءُ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ وٽان آيا آهيون. بس ايترو ٻڌڻ شرط ئي حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فوراً فرمايو: پوءِ مون کي اهو تحفو ڏيو جيڪو انهن منهنجي لاءِ موڪليو آهي...! اهو ٻڌي حضرت اشعث بن قيس ۽ حضرت جرير بن عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنۡھما حيران ٿي ويا ۽ عرض ڪيائون: عالي جاه! هنن توهان جي لاءِ ڪو بہ تحفو نہ موڪليو آهي. فرمايائون: جيڪو بہ انهن وٽان ايندو آهي، اُهي منهنجي لاءِ تحفو ضرور موڪليندا آهن، لهٰذا الله پاڪ کان ڊڄو ۽ امانت ادا ڪيو. عرض ڪيائون: حضور! هي اسان جو مال ملڪيت آهي، ان کي توهان جيئن چاهيو استعمال ڪيو پر حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ توهان جي لاءِ ڪو بہ تحفو نہ موڪليو آهي. فرمايائون: مون کي توهان جي مال جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي، مون کي تہ بس اهو تحفو گهرجي جيڪو منهنجي ڀاءُ موڪليو آهي. هاڻي تہ انهن ٻنهي قسم کڻي ئي ورتو، عرض ڪيائون: الله پاڪ جو قسم! حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڪو بہ تحفو نہ موڪليو آهي. جڏهن اسان اتان روانا ٿياسين تہ انهن صرف ايترو فرمايو هو تہ عراق ۾ هڪ اهڙا صحابي رسول رهندا آهن، جو جڏهن هو سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ اڪيلا هوندا هئا تہ حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪنهن ٻئي جي ضرورت نہ پوندي هئي، جڏهن توهان انهن سان ملو تہ کين منهنجو سلام چئجو.

حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: اِهو ئي تہ اُهو تحفو آهي جنهن جو مان توهان کان مطالبو ڪري رهيو هئس، **سلام کان وڌيڪ افضل تحفو ٻيو ڪهڙو ٿيندو؟ سلام برڪت وارو ۽ پاڪيزه آهي.** [1]

---

[1] ...معجمِ ڪبير، جلد:6، صفحہ:219، حديث:6058۔

# سلام پهچائڻ واجب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي معاشري ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ ڪلهه تائين اهو رواج موجود آهي ته جڏهن به ڪو مهمان پنهنجي گهر واپس وڃڻ لڳندو آهي ته چيووينڊو آهي: سيني کي منهنجا سلام ڏجو. اها تمام سٺي عادت آهي، پر ان معاملي ۾ هڪ مسئلو ذهن نشين ڪري ڇڏيو! بهار شريعت، حصو 16، صفحو 106 تي آهي: ڪنهن کي چيو ويو ته فلاڻي کي منهنجو سلام چئجان، ته ان تي سلام پهچائڻ واجب آهي ۽ جڏهن اهو شخص سلام پهچائي ته سامهون وارو هيئن جواب ڏئي:

عَلَيْكَ وَعَلَيْهِ السَّلَام۔

بهار شريعت ۾ ٿي آهي: اهو سلام پهچائڻ ان صورت ۾ واجب آهي، جڏهن هن چيو هجي ته ها مان توهان جو سلام پهچائيندس، ان صورت ۾ سلام ان وٽ امانت آهي، جيڪو ان جو حقدار آهي (يعني جنهن جي نالي جو سلام آهي) ان تائين پهچائڻو ئي پوندو. عام طور تي حاجين کي ماڻهو اهو چوندا آهن ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ منهنجي طرفان سلام عرض ڪجو، اهو سلام پهچائڻ به واجب آهي.[1]

بَزبانِ زائرین تو میں سلام بھیجتا ہوں | کبھی خود سلام لاتا تو کچھ اور بات ہوتی (2)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# گناهه مٽائڻ وارو آسان عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! سلام هٿ ملائڻ کان سواءِ به ٿي سگهي ٿو، البته مُصَافَحَه (يعني هٿ ملائڻ) به سنت آهي. اهو نيڪ عمل به اختيار ڪرڻ گهرجي. هڪ دفعي حضرت مجاهد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: الله پاڪ جي رضا خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا، جيڪي پاڻ ۾ ڀائيچارو رکن، جڏهن انهن مان هڪ ٻئي ڏانهن هلندو آهي،

---

[1]... بہار شریعت، جلد:3، صفحہ:465، حصّہ:16۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:385۔

پنهنجي ياءُ جو هٿ پڪڙيندو آهي ۽ ان جي لاءِ مسڪرائيندو آهي ته انهن ٻنهي جا گناهه ائين ڇڻندا آهن جيئن وڻ جا پن ڇڻندا آهن. [1] هڪ روايت ۾ آهي: پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: جڏهن ڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان ملندو آهي ۽ ان سان مُصَافَحه ڪندو (يعني هٿ ملائيندو) آهي ته انهن ٻنهي جا گناهه ائين ڇڻندا آهن جيئن تيز هوا سان وڻن جا پن ڇڻندا آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي اها ڳالهه ٻڌي هڪ شخص حيرت مان چيو: بيشڪ اهو ته تمام ننڍي عمل سان آهي (يعني ايتري آسان عمل سان ايڏو وڏو انعام ڪيئن ملي سگهي ٿو؟) حضرت مجاهد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: (اي انسان!) ڇا تو الله پاڪ جو فرمان نه ٻڌو آهي:

وَ اَلَّفَ بَیۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ لَوۡ اَنۡفَقۡتَ مَا فِی الۡاَرۡضِ جَمِیۡعًا مَّاۤ اَلَّفۡتَ بَیۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ وَ لٰکِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَیۡنَهُمۡ ؕ اِنَّهٗ عَزِیۡزٌ حَکِیۡمٌ ﴿۶۳﴾ (پارہ:10، سورۃ اَنفال:63)

**ترجموڪنزالعرفان:** جيڪڏهن توهان زمين ۾ جيڪو ڪجهه آهي خرچ ڪري ڇڏيو ها تڏهن به انهن جي دلين ۾ محبت پيدا نه ڪري سگهو ها پر الله انهن جي دلين کي ملائي ڇڏيو

يعني ٻن دلين جي پاڻ ۾ محبت جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن، اها محبت ڪو ننڍڙو عمل نه آهي، **اها ته انمول نعمت آهي جيڪا دنيا جي سموري دولت خرچ ڪري به حاصل نه ٿي ڪري سگهجي.**

## مُصافَحه (يعني هٿ ملائڻ) جون فضيلتون

۞ حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن به مسلمان پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن ۽ هڪ ٻئي جو هٿ جهليندا آهن (هٿ ملائيندا يعني مصافحو ڪندا آهن) ته الله پاڪ جي ذمےِ ڪرم تي آهي ته انهن جي دعا کي قبول فرمائي ۽ ٻنهي جا هٿ جدا ٿيڻ کان اڳ انهن جي مغفرت فرمائي. [2] ۞ تاجدار مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مسلمان جڏهن

---

[1]... موسوعة ابن ابی الدنيا، كتاب الاخوان، باب مصافحة ...الخ، 174/8، حديث:115، المكتبة العصرية بيروت ـ

[2]...مسندامام احمد ،جلد:5، صفحه:401، حديث:12786 ـ

پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان ملندو آهي ۽ ان سان هٿ ملائيندو آهي تہ انهن ٻنهي جا گناهہ ائين ڇڻندا آهن جيئن تيز آنڌاري ۾ سڪل وڻ جا پن ڇڻندا آهن ۽ انهن ٻنهي جا گناهہ بخشيا ويندا آهن توڙي جو سمنڊ جي گجُ جي برابر هجن. (1)

۞ رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن ٻہ دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ مصافحو ڪندا آهن ۽ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان انهن جا اڳيان ۽ پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (2)

الله پاڪ اسان کي **سلام ۽ مصافحو** خوب عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي نيڪ ٻڻجڻ جو جيڪو انمول نسخو عطا فرمايو آهي، منهنجو مطلب آهي **نيڪ اعمال جو رسالو.** ان ۾ بہ سلام کي عام ڪرڻ جي ترغيب موجود آهي، جيئن نيڪ عمل نمبر: 30. ڇا اڄ توهان گهر، آفيس، بس يا ٽرين وغيره ۾ ايندي ويندي ۽ گهٽين مان لنگهندي رستي ۾ بيٺل يا ويٺل **مسلمانن کي سلام** ڪيو؟

هن نيڪ عمل کي اپنائڻ جي نيت سان اڄ کان نيت ڪيو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جڏهن بہ مسلمان ڀاءُ سان ملاقات ٿيندي، ياد ڪري پورو يعني اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه چئي سلام بہ ڪندس ۽ هٿ بہ ملائيندس.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آخر ۾ اچو تہ! سلام ۽ مصافحو ڪرڻ جون سنتون سکي وٺون:

## سلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

۞ سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيت هجي تہ جنهن کي مان سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت ۽ آبرو سڀ ڪجهہ منهنجي حفاظت ۾ آهي ۽ مان انهن مان ڪنهن بہ شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ کي حرام سمجهان ٿو ۞ ڏينهن ۾ جيترا ڀيرا آمهون سامهون ٿيون توڙي ڪنهن ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي

---

1…شعب الایمان،باب فی مقاربة و موادةاہل الدین ،جلد: 6، صفحہ:473، حدیث:8950۔

2…شعب الایمان،باب فی مقاربة و موادةاہل الدین ، جلد: 6، صفحہ:471، حدیث:8944۔

موجود مسلمانن کي هر پيري سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ۞ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنت آهي ۞ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو اللّٰه پاڪ جو مقرب بانهو آهي ۞ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تڪبر کان آزاد آهي ۞ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن ۞ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملنديون آهن، ګڏوګڏ وَرَحْمَةُ اللّٰه به چونداسين ته 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ به شامل ڪندا ته 30 نيڪيون ٿي وينديون ۞ اهڙي طرح جواب ۾ به وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ۞ سلام جو جواب فوراً ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي.[1]

رضائے حق کے لئے تم سلام عام کرو | سلامتی کے طلب گار ہو سلام کرو

## مصافحو (هٿ ملائڻ) جون سنتون ۽ آداب

هٿ ملائڻ کي عربي ۾ مُصَافَحه ۽ انگريزي ۾ *Handshake* چوندا آهن ۞ ٻن مسلمانن جو ملاقات وقت ٻنهي هٿن سان مصافحو ڪرڻ يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنت آهي ۞ هٿ ملائڻ کان پهريان سلام ڪيو ۞ جدا ٿيڻ وقت به سلام ڪيو ۽ ګڏوګڏ هٿ به ملائي سگهو ٿا ۞ هٿ ملائڻ دوران درود شريف پڙهو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان اڳيان ۽ پويان ګناهه بخشجي ويندا ۞ هٿ ملائڻ وقت درود شريف پڙهي هيءَ دعا به پڙهو: يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ (يعني اللّٰه پاڪ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي) ۞ ٻه مسلمان هٿ ملائڻ دوران جيڪا دعا گهرندا اها اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قبول ٿيندي ۽ هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۞ پاڻ ۾ هٿ ملائڻ سان دشمني دور ٿيندي آهي ۞ مسلمان کي سلام ڪرڻ، هٿ ملائڻ بلڪ محبت سان ڏسڻ سان به ثواب ملندو

---

[1]...550سنتیں اور آداب، ص30-32ملتقطاً۔

آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ ڏانهن محبت ڀري نظر سان ڏسندو آهي ۽ ان جي دل ۾ دشمني نہ هجي تہ نظر واپس موٽڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان جا گناهہ بخشيا ويندا آهن ۞ جيترا دفعا بہ ملاقات ٿئي هٿ ملائي سگهجي ٿو ۞ اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو هڪ هٿ ملائيندا آهن بلڪ صرف آڱريون ئي پاڻ ۾ ٽڪرائيندا آهن، اهو سڀ سنت جي خلاف آهي ۞ هٿ ملائڻ کان پوءِ پاڻ پنهنجو ئي هٿ چمڻ مڪروہ آهي. ها! جيڪڏهن ڪنهن بزرگ سان هٿ ملائڻ کان پوءِ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو هٿ چميو تہ ڪراهت ناهي، اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن سان مصافحو ڪيو، پوءِ برڪت جي لاءِ پنهنجو هٿ چميو تہ منع ڪرڻ جي ڪا بہ وجهہ ناهي جڏهن تہ جنهن سان هٿ ملايو آهي سو انهن هستين مان هجي جن کان برڪت حاصل ڪئي ويندي هجي. (1) ۞ **مصافحو** ڪرڻ وقت سنت اها آهي تہ هٿ ۾ رومال وغيرہ حائل نہ هجي، ٻئي هٿ خالي هجن ۽ ترِيءَ سان ترِي ملڻ گهرجي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! بااخلاق مومن بڻجڻ، خوف خدا ۽ عشق مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ ذوق ۽ شوق سان حصو وٺو، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر لاءِ جاڳائڻ بہ آهي.

**نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنت مصطفیٰ آهي**، ۞ الله پاڪ جا آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي لاءِ ويندي ستلن کي جاڳائيندا هئا.(3) ۞ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بہ اهو ئي

[1]...جد الممتار،کتاب الحظر و الاباحة، باب الاستبراء و غيره، جلد: 7، صفحه:65 ـ

[2]...550سنتيں اور آداب، ص32-34، مکتبة المدينه کراچي ـ

[3]...ابو داؤد، صفحه:208، حديث:1264ـ

انداز هو. [1] ۽ ۞ مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بہ هن پياري سنت جا عامل هئا. [2]

۞ توهان بہ اها سنت اختيار ڪيو! نماز فجر جي لاءِ جاڳائيندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گھڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ۞ ٻين کي جاڳائيندا تہ پاڻ کي بہ نماز فجر باجماعت پڙهڻ جي سعادت ملندي ۞ صبح صبح نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ۞ توهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سڀني جي نمازن جو ثواب انهن کي بہ ملندو ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! توهان جي اعمال نامي ۾ بہ لکيو ويندو ۞ صبح صبح پيدل هلڻ جو موقعو ملندو تہ صحت سٺي رهندي ۞ هڪ اهم فائدو هي آهي تہ مسجد جي رونق وڌي ويندي، هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ: اسان سياري ۾ نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ شروع ڪيو تہ ايترا نمازي وڌي ويا جو مسجد جي اڱڻ ۾ شاميانہ لڳائڻا پئجي ويا. سُبْحٰنَ اللّٰه!

ڪا مشڪل ڳالھ نہ آهي جماعت جي وقت کان 20، 25 منٽ پهريان اٿو! نماز فجر لاءِ تہ وڃڻو ئي آهي، صدا لڳائيندا وڃو! مسجد بہ پهچي ويندؤ ۽ الله پاڪ جي فضل سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب بہ ملي ويندو. نيت ڪيو تہ! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نماز فجر جي لاءِ جاڳائيندو رهندس. اچو تہ توهان جي ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار توهان کي ٻڌايان.

## فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ: دعوت اسلامي جي قافلي سان گڏ اسان هڪ شهر ۾ وياسين، اذان فجر کان پوءِ اسان فجر جي نماز لاءِ جاڳائڻ وڃي رهيا هئاسين تہ اوچتو هڪ گھر مان هڪ ماڊرن نوجوان اسان سان شامل ٿيو ۽ هن فجر جي نماز مسجد ۾ باجماعت ادا ڪئي. بعد ۾ ان نوجوان جا والد صاحب قافلي وارن سان ملڻ لاءِ آيا. اُهي امير شخص هئا. انهن ٻڌايو تہ نماز فجر ۾ جاڳائڻ جي برڪت

---

[1]...مشڪاة المصابيح، جلد:1، صفحہ:244، حديث:1240ماخوذاً۔

[2]...تاريخ الخلفاء، صفحہ:112ماخوذاً۔

سان منهنجو نافرمان ماڊرن بي نمازي پٽ پنج وقت نماز پڙهڻ لڳو آهي. الحمد لله! هن ماڊرن (*Modern*) نوجوان جي والد متاثر ٿي ان شهر ۾ مدني مرڪز فيضان مدينہ لاءِ زمين ڏئي ڇڏي.

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
یقینا مقدر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نعت ڪليڪشن (Naat Collection) موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقان رسول! اڄ ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي اسمارٽ فون (*Smartphone*) جي ذريعي بہ علم دين عام ڪري رهي آهي. ان سلسلي ۾ دعوت اسلامي جي *I.T* آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي: جنهن جو نالو آهي: *Naat Collection* (نعت ڪليڪشن) ۞ هن ايپ ۾ اعلىٰ حضرت، مولانا حامد رضا خان، مفتي اعظم هند، مولانا حسن رضا خان، مولانا جميل رضوي، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم ۽ امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ڪلام شامل ڪيا ويا آهن ۞ هر مجموعہءِ ڪلام ۾ ڪلامن کي حروفِ تهجي (يعني الف، ب) ۽ رديف جي ترتيب سان ڏسي سگهجي ٿو جڏهن تہ سرچ بار مان پنهنجو مطلوبہ ڪلام آسانيءَ سان ڳولهي سگهجي ٿو ۞ مختلف ڪلامن کي آڊيو ۽ ويڊيو جي صورت ۾ ٻڌي ۽ ڏسي سگهجي ٿو ان سان گڏوگڏ مفت ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو ۞ پسنديده ڪلام کي نشان لڳائي بار بار ٻڌي سگهجي ٿو ۞ توهان پنهنجو پسنديده ڪلام مائي ڪليڪشن *(My Collection)* فيچر ۾ محفوظ ڪري سگهو ٿا جڏهن تہ ڪلام يا شعر کي ڪاپي ڪري واٽس ايپ، فيس بڪ، ٽوئيٽر وغيره تي شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. هن ايپ کي پاڻ بہ ڊائون لوڊ ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شش عيد جي روزن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! شوّال شريف جو مهينو جاري آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيد الفطر کان بعد 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو انهن روزن جا فضائل پڙهون تا ته جيئن اسان جو اهي روزا رکڻ جو ۽ انهن جي برڪتن مان فيضياب ٿيڻ جو ذهن بڻجي-

جيئن حديث پاڪ ۾ آهي. جنهن **رمضان** جا روزا رکيا پوءِ ڇهه ڏينهن شوال ۾ رکيا ته گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي- (1)

2. جنهن **رمضان** جا روزا رکيا وري ان کان بعد ڇهه شوال ۾ رکيائين- ته ائين آهي جيئن دَهر جا (يعني سڄي عمر جا) روزا رکيا "(2) خليلِ ملّت حضرت علامه مولانا مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن به حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي ته متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻه روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي ته اڃان به مناسب معلوم ٿئي ٿو- (3)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجهه ضروري اعلانات

۞ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، اينڌڙ ڇنڇر تي به رات جي وقت مدني چينل تي اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡکَرِيۡم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت

---

[1]… مجمع الزوائد، ڪتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحه:322، حديث:5102-

[2]… مسلم، ڪتاب الصيام، باب استحباب صوم...الخ، صفحه:424، حديث: 1164-

[3]… سنی بہشتی زیور ،صفحه:347-

فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقان رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو. ۞ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفۂ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي بہ ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو 26**"فرامينِ عطّار "**جو اعلان ڪيو ويندو. هيءُ رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره استعمال ڪن ٿا، الله جي رضا ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (Share) ڪيو

۞ قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ ڪيترن ئي هنڌن تي **"اي ايمان وارو "!**چئي ڪري ايمان وارن کي خاص هدايتون ڏنيون آهن. ان حوالي سان **مڪتبة المدينہ** هڪ منفرد ڪتاب هن نالي **"اي ايمان وارؤ"!**پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهي. توهان انهن حڪمن جي تفصيل ۽ تفسير ڄاڻڻ لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو ڪريو! توهان هيءُ ڪتاب **مڪتبة المدينہ** جي ڪنهن بہ شاخ تان 1 **هزار رپين** ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا .**پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## معانقہ ڪرڻ (يعني ڳلي ملڻ) سنتِ مصطفيٰ آهي

**فرمان آخري نبي، رسول هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جو ڪو ڀاءُ هجي، ان کي گهرجي تہ پنهنجي ڀاءُ سان معانقو ڪري.[2]

---

[1]...مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175ـ
[2]...كَنزُ الْعُمَال، كتاب: الفضائل، جلد:7، جز:13، صفحہ:26، حديث:36235ـ

اي عاشقان رسول! ڳلي ملڻ کي معانقہ چيو ويندو آهي ۽ معانقو ڪرڻ سنت مصطفیٰ آهي. ۞ مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۾ آهي: خوشي ۾ ڪنهن سان ڳلي ملڻ سنت آهي. [1] پيارا آقا، مکي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيترائي پيرا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهم تي شفقت فرمائيندي انهن کي معانقي جو شرف بخشيندا هئا. مثلاً ۞ خيبر جي موقعي تي پياري آقا، مکي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت جعفر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي سيني سان لڳايو ۽ پيشاني تي چُمي بہ ڏنائون.[2] ۞ هڪ دفعي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوذر غفاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي گهرايو، جڏهن هو حاضر ٿيا تہ شفقت فرمائيندي انهن کي ڳلي سان لڳايائون. [3]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي **بهار شريعت** جلد: 3 جو حصو 16 ۽ امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (4)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

---

1…مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:359۔
2…ابو داؤد، ڪتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:813، حديث:5220۔
3…ابو داؤد، ڪتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:812، حديث:5214خلاصةً۔
4…وسائل بخشش، صفحہ:669۔

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(3)

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(4)

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
[3] ... القول البديع، الباب الثانى، ص277
[4] ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِىَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (1)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (2)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (3)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

---

[1]… القول البديع، الباب الاول، ص1125

[2]… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[3]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455